15 آڪٽوبر 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ: 2 جمادي الاول 1448ھ)
تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

قرآني بيان
بنام

# عقل وارن جون نشانيون

هن بيان ۾ توهان چاٽي سگهندؤ...

✿... پياري آقا جي عقلمنديءَ جو واقعو
✿... ريشنل اِزم يا جديد بي عقلي
✿... عقلمند ٻانهي جون ۾ نشانيون
✿... عقلمند ٻانهي جا معمولات

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللہ　وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللہ　وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللہ

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت فقيهه ابوليث ثمر قندي رَحمۃُاللہِعَلَیْہ فرمائن ٿا: **عقل واري** تي لازم آهي ته ڪڏهن به درود پاڪ پڙهڻ کان غافل نه ٿئي (اُٿندي، ويهندي، گهمندي، ڦِرندي جيترو ٿي سگهي درود پاڪ پڙهندو رهي) **ڇو...؟؟** ان ڪري ته

فِیْهَا مَغْفِرَۃُ الذُّنُوْبِ وَفِیْهَا الصَّلَاۃُ مِنَ اللہِ تَعَالٰی

يعني درود پاڪ پڙهڻ سان گناهه به معاف ٿيندا آهن ۽ الله پاڪ جي رحمت به نصيب ٿيندي آهي. (1)

درود پڑھیے کہ مہکے گلابِ فکر و خیال　سلام پڑھیے کہ چمکے حیات، مثلِ ہلال

درود پڑھیے کہ فضلِ خدا مُدام ملے　سلام پڑھیے کہ لطفِ شہِ اَنام ملے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديث پاڪ** ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّیَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (2)

---

1... تنبیہ الغافلین، باب فضل الصلاۃ علی النبی صَلَّی اللہُ علیہ وَآلِہٖ وَسلَّم، صفحہ:232۔
2... بخاری، کتاب بدء الوحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باأدب ويهندس ◈ خوب توجه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سيني کان وڌيڪ عقل وارا

پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا جَهانَ جي سموري مخلوقات، جنهن ۾ ◈ جِنَ بہ شامل آهن ◈ انسان بہ شامل آهن ◈ ۽ فرشتا بہ شامل آهن، بلڪ فرشتن جا سردار حضرت جبرائيل امين عليه السّلام بہ شامل آهن، ان سموري مخلوق ۾ سيني کان وڌيڪ، سيني کان ڪامل ۽ اڪمل عقل، اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي عطا ڪيو ويو آهي.

پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي پيارن پيارن پاڪيزه نالن ۾ هڪ مبارڪ نالو: اَرْجَحُ النَّاسِ عَقْلاً آهي، يعني ماڻهن ۾ سيني کان وڌيڪ عقل وارا.[1]

حضرت وهب بن مُنَبِّہ رَحمةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان اڳين آسماني ڪتابن ۽ صحيفن مان 71 ڪتابن ۽ صحيفن ۾ هيءَ ڳالهہ پڙهي آهي، جنهن جو خلاصو هي آهي تہ: جيڪڏهن عقل کي هڪ وڏو ريگستان تصور ڪيو وڃي، تہ ان سڄي ريگستان مان صرف هڪ ننڍڙو ذرو سڄي دنيا کي عطا ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ باقي سمورو عقل رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي عطا

1 مواہب لدنیہ، مقصد ثانی، فصل فی ذکر اسمائہ...الخ، جلد:1، صفحہ:366۔

ڪيو ويو آهي.[1]

عقلِ عالَم کی رسائی اُن کے رُتبے تک محال | ہاں! خُدا سے پوچھیے! شانِ حبیبِ کبریا (2)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب          صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## پياري آقا جي عقلمنديءَ جو واقعو

اچو تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي ڪمال دانائي ۽ عقلمنديءَ جو هڪ واقعو ٻڌون ٿا: هي تمام مشهور واقعو آهي، اوهان اڳ ۾ بہ ٻڌو هوندو.

نبوت جي اعلان کان پهريان جي ڳالھ آهي. ان وقت محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ عمر تقريباً **35** سال هوندي. هڪ ڀيري زوردار برساتن سبب ڪعبي شريف جي عمارت کي سخت نقصان پهتو، تہ مڪي وارن عمارت شريف کي ٻيهر تعمير ڪرڻ جو ارادو ڪيو. سڀني قبيلن هن نيڪ ڪم ۾ ڀرپور حصو ورتو. رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم پاڻ بہ ان ڪم ۾ شريڪ ٿيا ۽ پنهنجن مقدس ۽ مبارڪ هٿن سان پٿر ڍوئي آڻيندا رهيا. جڏهن ڪعبي شريف جي عمارت **حجرِاسود** تائين پهتي، تہ هڪ تڪرار پيدا ٿي پيو.

چوتہ مختلف قبيلا مِلي ڪري تعمير ڪري رهيا هئا، تنهنڪري ظاهري طور جيڪو قبيلو **حجرِاسود** لڳائي ها، ان جو نالو روشن ٿئي ها ۽ ان قبيلي جي عزت وڌي وڃي ها. ان ڪري هر قبيلو چاهي پيو تہ **حجرِاسود** لڳائڻ جي سعادت اسان کي حاصل ٿئي.

هاڻي هر طرف کان رڳو ”مان، مان“ ٿي رهي هئي. هڪ قبيلو چئي رهيو هو

1 الشريعة للآجرى، جلد:3، صفحہ:1516-1517، رقم:1025۔

2 قبالۂ بخشش، صفحہ:62۔

تہ حجرِ اسود اسان لڳائينداسين، ٻيو چئي رهيو هو تہ اسان لڳائينداسين. اهڙيءَ طرح ڳالهہ وڌندي وڌندي سخت جهيڙي ۾ تبديل ٿي وئي، ايتري تائين جو ماڻهن هڪ ٻئي سان وڙهڻ لاءِ تلوارون بہ ڪڍي ورتيون.

خير! پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٿي. ڪجهہ وڏا ۽ بزرگ وچ ۾ آيا. ڳالهين جي ذريعي آخرڪار اهو فيصلو ٿيو تہ سڀاڻي صبح جو سوير جيڪو شخص سڀ کان پهريون حرمِ ڪعبہ ۾ داخل ٿيندو، ان کي اسان سڀئي پَنچُ (يعني فيصلو ڪرڻ وارو)، مقرر ڪنداسين. اُهو جيئن چوندو، ان جي ڳالهہ حرف آخر هوندي. اها تجويز سيني کي پسند آئي ۽ سڀئي ايندڙ صبح جو انتظار ڪرڻ لڳا.

الله پاڪ جو شان جو ٻئي ڏينهن صبح جو سڀ کان پهريون جيڪو شخص حرمِ ڪعبہ ۾ تشريف فرما ٿيو، اُهو ڪو ٻيو نہ، پر سموري مخلوق جو مسيحا ۽ سمورن جهانن لاءِ رحمت، يعني منهنجا ۽ اوهان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هئا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي ڏسي تقريباً سيني چيو:

هٰذَا الْاَمِيْنُ قَدْ رَضِيْنَا بِمَا قَضٰى بَيْنَنَا

**ترجمو:** هي تہ محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم) آهن، هي امين آهن، اسان سندن فيصلي تي راضي آهيون.

تنهنڪري سيني پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ اسان جي جهيڙي جو فيصلو اوهان فرمايو! هاڻي اسان جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ڪمال عقلمندي ۽ بي مثال دانائيءَ جو نظارو ڏسو! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هر قبيلي مان هڪ هڪ چڱو مُڙس چوندي وٺو....!! جيئن تہ هر قبيلي مان هڪ هڪ چڱو مُڙس چونڊيو ويو. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي چادر مبارڪ وِڇائي ۽ حجرِ اسود کي پنهنجي مبارڪ چادر چُمڻ جو موقعو عطا فرمايائون

(يعني حجرِ اسود کي چادر مبارڪ جي مٿان رکيو ويو) پوءِ سيني  چگن مڙسن کي فرمايائون: توهان سڀ گڏجي چادر جي ڪندن کي پڪڙي پٽر کي کڻو! سيني سردارن چادر مبارڪ جي ذريعي حجرِ اسوَد کي ڪنيو ۽ ان جاءِ تائين کڻي ويا، جتي حجرِ اسود لڳائڻو هو. هتان کان پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حجرِ اسود شريف کي پنهنجي مبارڪ هٿن سان کڻي ڪعبي شريف جي پٽ ۾ لڳائي ڇڏيو.[1]

هن بي مثال حڪمت عملي جي ذريعي عربن جي وچ ۾ هڪ اهڙي جنگ ٽري وئي، جنهن جي نتيجي ۾ نه ڄاڻ ڪيترو خون وهي ها ۽ ڪيترائي ٻار يتيم ٿي وڃن ها.

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو ته ڪيڏي نه ڪمال جي حڪمت عملي آهي ۽ ڪيڏي نه ڪمال جي دانائي آهي! جهيڙو به ختم ٿي ويو، سيئي سردار به راضي ٿي ويا ۽ ان سان گڏوگڏ ڪعبي شريف ۽ حجرِ اسود کي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مقدس هٿن جون برڪتون به نصيب ٿي ويون.

ڪوئی کیا جانے کہ کیا ہو — عقلِ عالَم سے وَرَاء ہو
سب کی ہے تم تک رسائی — بارگہ تک تم رَسا ہو(2)

بد خُلق جو تھے وہ نیک ہوئے، لڑتے تھے ہمیشہ جو ایک ہوئے
تُو نے جھگڑے سارے مِٹا دیئے، تیری فَہم و ذکا کا کیا کہنا!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب — صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 طبقات ابن سعد، ذڪر حضور رسول الله صلَّى اللهُ عليهِ وَ آلِهٖ وَسلَّم...الخ، جلد:1، صفحہ:116و 117 ملتقطاً ـ
2 حدائق بخشش، صفحہ:341و 342 ملتقطاًـ

## عقلمند اُهو آهي، جيڪو جهڳڙا ختم ڪرائي

پيارا اسلامي ڀائرو! سيرتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي هن مبارڪ واقعي تي هن پهلوءَ کان به غور ڪريو ته اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سڀني کان وڌيڪ عقل وارا آهن ۽ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪمال عقلمندي ۽ دانائيءَ جو مظاهرو ڪندي ڇا ڪيو؟ جهيڙو ختم ڪرائي ڇڏيائون. نڪتل تلوارون مياڻن ۾ واپس هليون ويون، جيڪي هڪ ٻئي جون سِسيُون ڌَڙَ کان ڌار ڪرڻ لاءِ تيار ويٺا هئا، اُهي پُرسڪون ۽ ٿڌا ٿي ويا، معلوم ٿيو ته عقل وارو هجڻ جي نشاني اِها آهي ته عقلمند ماڻهو جهيڙا ڪرائڻ وارو نه ، پر جهيڙا ختم ڪرائڻ وارو هوندو آهي.

افسوس! اڄڪلهه اسان وٽ جيڪي حالتون پيدا ٿينديون پيون وڃن، مان سڀني جي ڳالهه نه ٿو ڪريان، پر اسان جي معاشري ۾ اهڙا ماڻهو موجود آهن، جيڪي ظاهري طور ڏسڻ ۾ وڏا عقلمند نظر ايندا آهن. اهي گهر ۽ خاندان جا وڏا به هوندا آهن، زندگيءَ جو وڏو حصو گذاري چڪا هوندا آهن ۽ ڪين ڪافي تجربو به هوندو آهي، پر ان جي باوجود جهڳڙالو طبيعت جا هوندا آهن ◈ ٿوري ٿوري ڳالهه تي ڪاوڙجي ويهي رهندا آهن ◈ چڱي ڀلي ماحول کي خوامخواهه جهيڙي وارو بڻائي ڇڏيندا آهن ◈ جيئن ته انهن ديني علم حاصل نه ڪيو هوندو آهي، تنهنڪري ظاهري طور عقلمند نظر اچڻ جي باوجود سمجهداري نه هوندي آهي. ◈ چغليون هڻندا آهن ◈ غيبتون ڪندا آهن. ◈ ٻين جي خلاف ڪَنَ ڀريندا رهندا آهن ۽ ڪا نه ڪا حرڪت ڪري يا پنهنجي ناسمجهيءَ جو مظاهرو ڪري جهيڙو ڪرائي وِجهندا آهن، يا اڳ ۾ شروع ٿيل جهيڙي کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اها انتهائي غلط حرڪت آهي.

## جهڳڙالو! بدترين شخص آهي

ياد رکو! جهيڙيڪار طبيعت واري انسان کي بُرو ۽ بدترين شخص قرار ڏنو ويو آهي. قرآن ڪريم ۾ منافقن جي هڪ صفت بيان ڪئي وئي آهي:

وَهُوَ اَلَدُّ الْخِصَامِ ﴿۲۰۴﴾

ترجموڪنزالعرفان: اهو سڀ کان وڌيڪ جهڳڙو ڪرڻ وارو آهي.
(پارو: 2، سورة بقرة: 204)

معلوم ٿيو ته جهيڙاڪ طبيعت هجڻ منافق جي نشاني آهي. اهڙي طرح هڪ ٻي جاءِ تي غير مسلمن جي باري ۾ فرمايو ويو:

بَلْ هُمْ قَوْمٌ خَصِمُوْنَ ﴿۵۸﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: بلڪ اهي جهيڙاڪ ماڻهو آهن. (پارو: 25، سورة زخرف: 58)

اللّٰہُ اکبر! معلوم ٿيو ته جهيڙيڪار هئڻ غير مسلمن جي به صفت آهي ۽ منافقن جو به طريقو آهي.

مسلمانن جي پياري امي جان حضرت عائشه صديقه طيبه طاهره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا کان روايت آهي ته نبين جي سلطان، رحمتِ عالَمِيان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:

اِنَّ اَبْغَضَ الرِّجَالِ اِلَى اللّٰهِ الْاَلَدُّ الْخَصِمُ

**ترجمو:** بيشڪ الله پاڪ وٽ سڀ کان وڌيڪ ناپسنديده شخص اهو آهي، جيڪو تمام گهڻو جهڳڙالو آهي.[1]

الله پاڪ معاف فرمائي، اسان کي اهڙو ٿيڻ کان به بچائي ۽ جيڪي اهڙا آهن، انهن جي شر کان به بچائڻ فرمائي. هي سيرتِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو اسان

1 بخاری، کتاب فی المظالم والغضب، باب قول اللہ تعالیٰ: وَهُوَ اَلَدُّ الْخِصَامِ ، صفحہ:633، حدیث:2457۔

لاءِ سبق آهي تہ چاهي ڪجهہ بہ ٿي پئي، اسان کي پنهنجي طبيعت ۾ ◈ صلح ◈ صفائي ◈ ۽ جهيڙا ختم ڪرڻ جهڙيون خوبيون ئي شامل رکڻ گهرجن. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## عقلمند ڪامياب آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! عقلمند هئڻ وڏي فضيلت واري ڳالهہ آهي. حديث پاڪ ۾ آهي:

اَفۡلَحَ مَنۡ جَعَلَ اللّٰہُ لَہٗ عَقۡلًا

**ترجمو:** ڪامياب آهي اهو شخص، جنهن کي الله پاڪ عقلمند بڻايو آهي.[1]

## الله پاڪ جو وڌيڪ قُرب ڪنهن کي ملندو...؟

هڪ حديث شريف ۾ فرمايو ويو:

اِنَّمَا يَرۡتَفِعُ النَّاسُ فِی الدَّرَجَاتِ وَيَنَالُوۡا الزُّلۡفٰی مِنۡ رَّبِّهِمۡ عَلٰی قَدۡرِ عُقُوۡلِهِمۡ

**ترجمو:** بيشڪ الله پاڪ ماڻهن کي مختلف درجا عطا فرمائيندو ۽ سيئي ماڻهو پنهنجي عقل مطابق الله پاڪ جو قرب حاصل ڪندا.[2]

يعني جيڪو جيترو وڌيڪ عقلمند هوندو، اهو اوترو وڌيڪ الله پاڪ جو قرب حاصل ڪرڻ جي سعادت ماڻي سگهندو.

صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنۡهُمَا کان روايت آهي، فرمائن ٿا: بيشڪ ڀانهو نمازون بہ پڙهندو آهي ◈ زڪوات بہ ڏيندو آهي ◈ حج بہ ڪندو آهي ◈ عمرو بہ ڪندو آهي. (اهڙي طرح پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم نيڪيون

---

1 موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب العقل و فضلہ، جلد:6، صفحہ:465، حدیث:7۔
2 موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب العقل و فضلہ، جلد:6، صفحہ:465، حدیث:5۔

ڳڻائيندا وياءِ آخر ۾ فرمايائون):

وَمَا يُجْزٰى يَوْمَ الْقِيَامَةِ اِلَّا بِقَدْرِ عَقْلِهٖ

**ترجمو:** يعني قيامت جي ڏينهن انهن سيني نيڪين جو بدلو ٻانهي جي عقل مطابق ئي ڏنو ويندو.[1]

اللّٰهُ اكبر! پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته هڪ شخص جيڪو عقلمند آهي ۽ ٻيو عقلمند نه آهي، يعني گهٽ عقل وارو آهي ◈ ٻئي نمازون پڙهندا آهن ◈ ٻئي زڪوات ڏيندا آهن ◈ ٻئي روزا رکندا آهن ◈ ٻئي حج ۽ عمري جي ادائيگي ڪندا آهن، پر قيامت جي ڏينهن جيڪو وڌيڪ عقل وارو هوندو، اهو پنهنجي عقلمنديءَ سبب نيڪين جو اجر وڌيڪ حاصل ڪندو ۽ جيڪو گهٽِ عقل وارو هوندو، ان کي ٻئي شخص جي ڀيٽ ۾ گهٽ اجر ڏنو ويندو، معلوم ٿيو ته قيامت جي ڏينهن اجر جي گهٽ يا وڌِ ملڻ جو تعلق عقلمنديءَ ۽ بي عقليءَ سان آهي.

## جڏهن عقل کي پيدا ڪيو ويو...؟

حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي ته رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن الله پاڪ عقل کي پيدا ڪيو ◈ ته ان کي حڪم ڏنائين: قُمْ (اي عقل!) اُٿي بيهه. عقل اٿي بيهي رهيو ◈ پوءِ فرمايائين: اَدْبِرْ پوئتي هٽي وڃ. عقل پوئتي هٽي ويو ◈ پوءِ فرمايائين: اَقْبِلْ اڳتي وڌ. عقل اڳتي وڌي ويو ◈ فرمايائين: اُقْعُدْ ويهي رهه. عقل ويهي رهيو. هاڻي الله پاڪ فرمايو: اي عقل ....!! مان ◈ توکان بهتر ◈ توکان وڌيڪ عزت واري

[1] موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب العقل و فضلہ، جلد:6، صفحہ:465-466، حدیث:8۔

◈ توکان وڌيڪ فضيلت واري ◈ توکان وڌيڪ حسن ۽ جمال واري ڪا ٻي شيءِ پيدا نہ ڪئي آهي، مان ◈ ماڻهن جي پَڪَڙَ فرمائيندس تہ تنهنجي ذريعي ◈ عطا ڪندس تہ تنهنجي ذريعي ◈ عزت ڏيندس تہ تنهنجي ذريعي ◈ تنهنجي ئي ذريعي مون کي سڃاتو ويندو ◈ تنهنجي ئي ذريعي ثواب ڏنو ويندو ۽ تنهنجي ذريعي ئي عذاب ڏيندو.[1]

اللّٰہُ اکبر! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيتري نہ واضح حديث شريف آهي! معلوم ٿيو تہ انسان، جيڪو اَشْرَفُ الْمَخْلُوقَات (سڀ کان بهتر مخلوق) آهي، ان وٽ سڀني اصل فضيلتن جو معيار ان جو عقل ئي آهي ◈ عقل ئي عزت وارو آهي ◈ عقل ئي بهتر آهي ◈ عقل ئي فضيلت وارو آهي ◈ عقل ئي حُسن ۽ جمال جو ذريعو آهي ◈ ٻانهي کي جيڪو ڪجهہ ملندو آهي، اهو سڀني عقل جي ذريعي ئي ملندو آهي ◈ عزت بہ عقل سان ملندي آهي ◈ اعليٰ مرتبا بہ عقل جي ذريعي ملندا آهن ۽ قيامت جي ڏينهن وڏيڪ اجر بہ عقل جي ذريعي ئي عطا ڪيو ويندو.

## هي عقل نہ پر، بي عقلي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو عقل ڪيڏي نہ اعليٰ ترين شيءِ آهي...!! ٿي سگهي ٿو تہ ذهن ۾ سوال پيدا ٿي رهيو هجي تہ اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ ◈ اسان تہ ڏٺو آهي تہ عقل جي پويان هلڻ وارو دين کان ئي بيزار ٿي ويندو آهي ◈ جيڪو هر ڳالهہ کي فقط عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکيندو آهي، اهو تہ عشق ۽ محبت، ايمان ۽ يقين، اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ کان ئي نڪري ويندو آهي ◈ اِهي عقل پرست ئي تہ آهن، جيڪي مَعَاذَاللّٰہ! اللّٰہ پاڪ جي وجود جو

[1] موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب العقل و فضلہ، جلد:6، صفحہ:466، حدیث:9۔

ئي انڪار ڪندا آهن ◈ اِهي عقل پرست ئي تہ آهن، جن کي نماز جي اهميت ئي سمجھ ۾ نہ ايندي آهي ◈ عقل پرست ئي تہ آهن، جيڪي مَعَاذَاللہ! قرآن ۽ حديث تي ابتا سبتا اعتراض ڪندا آهن ◈ عقل پرست ئي تہ آهن، جيڪي معجزن کي بہ عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکيندا آهن ۽ انهن جو انڪار ڪري ويهندا آهن تہ پوءِ عقل ايتري فضيلت وارو ڪيئن ٿي سگھي ٿو؟ فضيلت جو معيار تہ ايمان آهي، فضيلت جو معيار تہ **دِين آهي، تقويٰ آهي.**

هي سوال شايد اوهان جي ذهنن ۾ پيدا ٿي رهيو هجي تہ ان جو جواب ٻڌو! **حقيقت ۾ جيڪو عقل آهي، اهو دين کان بيزار نہ هوندو آهي.** ◈دين کان بيزار ٿيڻ ◈ الله پاڪ جو انڪاري ٿي وڃڻ ◈ حديثن جو انڪار ڪرڻ ◈ ديني حڪمن ۽ مسئلن تي ابتا سبتا اعتراض ڪرڻ، حقيقت ۾ عقل نہ، پر **بي عقلي** آهي. جي ها! عقل تہ دين کي تسليم ڪندو آهي. مان اوهان کي هڪ روايت ٻڌايان ٿو:

## حضرت آدم عليه السّلام جي چُونڊَ

امام ابن ابي الدنيا رَحمۃُاللہِعَلَيْه هڪ روايت بيان ڪئي آهي. پاڻ لکن ٿا تہ جڏهن الله پاڪ حضرت آدم عليه السّلام کي زمين تي لاٿو، تہ حضرت جبرائيل امين عليه السّلام ٽي شيون کڻي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا: **(1)** دين **(2)** عقل ۽ **(3)** حسنِ اخلاق.

عرض ڪيائون: اي آدم عليه السّلام! الله پاڪ فرمائي ٿو تہ هنن ٽن شين مان ڪا هڪ شيءِ چوندي وٺو. حضرت آدم عليه السّلام فرمايو: اي جبرائيل! هنن ٽنهي شين مان هيءَ هڪ شيءِ اهڙي آهي، جنهن کي مون جنت ۾ سيني کان وڌيڪ حسين ۽ خوبصورت شڪل ۾ ڏٺو هو. ائين چئي پاڻ عقل ڏانهن هٿ وڌايائون ۽ ان کي پنهنجي سيني سان لڳائي ڇڏيائون.

ڏسو تي شيون هيون: **(1)** دين **(2)** عقل ۽ **(3)** حسنِ اخلاق. حضرت آدم عليه السَّلام عقل کي چونڊي ورتو. پوءِ بقايا ٻن شين کي حڪم ٿيو ته اوهان ٻئي آسمانن ڏانهن هليون وڃو!

هاڻي اڳتي جيڪا ڳالهه آهي، اها ڌيان سان ٻڌو! دين ۽ حسنِ اخلاق چيو اسان ڪيڏانهن به نه وينداسين. حڪم ٿيو: ڇا اوهان منهنجي نافرماني ڪريو ٿا؟ ٻنهي عرض ڪيو ته نه! اسان نافرماني نه ٿا ڪريون، پر اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي ته اسان هميشه عقل سان گڏ ئي رهنداسين. جتي عقل هوندو، اسان به اتي ئي هونداسين. اهڙي طرح عقل جي چونڊ ڪرڻ سبب ٽئي شيون، يعني **(1)** دين **(2)** عقل ۽ **(3)** حسنِ اخلاق حضرت آدم عليه السَّلام وٽ اچي ويون.[1]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو ته جتي عقل هوندو آهي، اتي دين به لازمي هوندو آهي، جتي عقل هوندو آهي، اتي حسنِ اخلاق به لازمي هوندو آهي. جتي دين نه هجي، بلڪ دين کان بيزاري هجي، سمجهي وڃو ته اتي عقل به موجود نه هوندو آهي.

## بي عقليءَ جا ڪجھ مثال

◈ اوهان ڏسو ته ابو جهل ڪيترو بدبخت هو! هن پنهنجي اکين سان چنڊ کي ٽڪرا ٿيندي ڏٺو، وڻن کي هلندي ڏٺو ۽ پٿرن کي ڪلمو پڙهندي به ڏٺو. پنهنجين اکين سان ڪيترائي معجزا ڏٺائين، پر فقط **حسدءِ ساڙ** جي ڪري ايمان قبول نه ڪري سگهيو. فرق ڏسجو! جيڪڏهن هُو ڪلمو پڙهي وٺي ها، ته اڄ اسان سڀ سندس نالو ادب سان وٺون ها. جيڪڏهن هُو ڪلمو پڙهي وٺي ها، ته سندس نالي سان گڏ به دعائيه ڪلما لڳن ها. جيڪڏهن هُو ڪلمو پڙهي وٺي ها، ته جيئن حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ سردارن جا سردار بڻجي

1 موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب العقل و فضلہ، جلد:6، صفحہ:470، حدیث:21۔

وياءِ تيئن هي بہ ٻڌجي وجي ها. پر هن ڪيڏي نہ بيوقوفي ڪئي! پنهنجي اندر جي **حسدءِ ساڙ** ڪي سنڀالي نہ سگهيو ۽ ذليل ۽ رسوا ٿيو ۽ آخرڪار مري گِپي جهنم جو حقدار ٻڌجي ويو. هاڻي توهان ٻڌايو تہ هن ڪلمو نہ پڙهي عقلمندي ڏيکاري يا بيوقوفي ڪئي؟ يقيناً هن بيوقوفي ڪئي. ايتريون واضح نشانيون اکين سان ڏسي ۽ ڪنن سان ٻڌي بہ هو سمجهي نہ سگهيو ◈ هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ چون ٿا: اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ اسان جي حالت هيءَ هوندي هئي جو جيڪو پٿر اسان کي سٺو لڳندو هو، ان کي پنهنجو معبود بڻائي ڇڏيندا هئاسين ◈ سفر تي ويندا هئاسين جيڪڏهن رستي ۾ ڪو پٿر پهريان واري پٿر کان وڌيڪ خوبصورت ملي ويندو هو، تہ پهريان واري کي اڇلائي ڇڏيندا هئاسين ۽ نئين پٿر کي معبود بڻائي ڇڏيندا هئاسين ◈ جيڪڏهن ڪو پٿر نہ ملندو هو، تہ مِٽي يا وارِي گڏ ڪري، ان تي ٻڪريءَ جو کير هاريندا هئاسين ۽ ان گڏ ڪيل مٽيءَ جي ڍيريءَ کي پنهنجو معبود مڃي ان جو طواف ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا هئاسين.[1]

توهان ٻڌايو تہ غير مسلمن جا اهي جيڪي انداز هئا يا آهن، اِها عقلمندي آهي يا بيوقوفي آهي.....؟ يقيناً اِها بيوقوفي ئي آهي.

◈ اهڙيءَ طرح هيءَ هيڏي وڏي ڪائنات آهي ◈ آسمان بغير ٿنين جي بيٺو آهي ◈ زمين پنهنجين اعليٰ ترين خاصيتن سان اسان جي پيرن هيٺان آهي ◈ نهايت اعليٰ ۽ انتهائي حڪمت وارو ڪائنات جو نظام آهي ◈ سج زمين کان هڪ مخصوص فاصلي تي آهي ◈ چنڊ بہ هڪ خاص فاصلي تي آهي ◈ تمام بهترين نظام تحت بخارات اٿندا آهن، ڪڪر ٺهندا آهن، هوائون هلنديون ۽ مينهن وسندو آهي ◈ سڪل مٽيءَ ۾ لڪيل ٻج سيراب ٿيندو آهي

---

1 حلية الاوليا،رقم:195، ابو رجاء العطاردی، جلد:2، صفحہ:347، رقم: 2508و2509 خلاصةً

◈ اها زمين، جنهن کي جيڪڏهن ڪوڏر سان کوٽيو وڃي تڏهن بہ چڱو ڀلو زور لڳائڻو پوندو آهي، انهيءَ ئي زمين جي سيني کي چيري هڪ ننڍڙو، نرم ۽ ملائم گونچ ٻاهر ڦُٽِي نڪرندو آهي. ڏاڍي بي مثال طريقي سان ٻوٽو ٻڻجندو آهي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ننڍڙي ٻج مان وَڏِي هڪ وڏو وڻ ٿي ويندو آهي، ان تي ميوا بہ لڳي ويندا آهن ◈ روزانو مقرر وقت تي سج اڀرندو آهي ۽ مقرر وقت تي لهي ويندو آهي ◈ توهان ڏسو تہ زندگي گذارڻ لاءِ اُها ڪهڙي سهولت ۽ ڪهڙي ضرورت آهي، جيڪا زمين تي موجود نہ آهي.....؟

هن سموري نظام کي ڏسي ڪري جيڪو ماڻهو چوي تہ هي سڀ ڪجهہ پاڻمرادو نهي ويو آهي، ان کي ڪنهن بہ پيدا نہ ڪيو آهي، تہ ٻڌايو، ڇا اوهان اهڙي شخص کي عقلمند چوندؤ.....؟ ◈ اهو ڪيئن عقلمند ٿي سگهي ٿو ◈ جيڪو هيءَ ڳالهہ تہ مڃي ٿو تہ هڪ ننڍڙو گلاس بہ پاڻمرادو نهي نہ ٿو سگهي ◈ هڪ ننڍڙو بال پاڻمرادو نهي نہ ٿو سگهي ◈ انسان پنهنجو پاڻ پيدا ٿي نہ ٿو سگهي ◈ انسان عقل ۽ شعور رکڻ جي باوجود پاڻ کي پيدا نہ ٿو ڪري سگهي، اِهو سڀ ڪجهہ مڃي رهيو هوندو آهي پر پوءِ بہ چوندو آهي تہ هيڏي وڏي ڪائنات پاڻمرادو نهي وئي آهي ۽ ان کي ناهڻ وارو ڪو بہ نہ آهي. ڇا اِها عقلمندي آهي....؟ نہ، هرگز نہ! اِها تہ انتها درجي جي بيوقوفي آهي.

## ريشنل اِزم يا جديد بي عقلي

پر افسوس! اڄ انهيءَ بي عقليءَ ۽ بيوقوفيءَ کي **ريشنل اِزم** يا (عقل پرستيءَ جو نظريو) چيو وڃي ٿو. اَسْتَغْفِرُاللّٰہ! انهن نالي ماتر عقلمندن کي ڇا ٿي ويو آهي...؟ اِهي ريشَنَل اِزم وارا، هيومن اِزم وارا خبر آهي ڇا چوندا آهن؟ انهن جو عقيدو آهي تہ انسان ۽ گڏهہ هڪجهڙا آهن. گڏهہ بہ دنيا ۾ آيو آهي، کائيندو، پيئندو، سمهندو، گهمندو ڦِرندو ۽ مزا ماڻيندو آهي، انسان بہ ان

وانگر ئي آهي. انسان جو دنيا ۾ اچڻ جو ڪو الڳ سان وڏو مقصد نہ آهي. هي بہ فقط ڪائڻ، پيئڻ، سمهڻ ۽ مزا ماڻڻ لاءِ ئي آيو آهي.

لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ! هي ريشنل اِزم (عقل پرستي) آهي يا بيوقوفي آهي....؟ خير! جيڪا بي ديني آهي، اها ڪنهن بہ صورت ۾ عقلمندي ٿي ئي نہ ٿي سگهي ◈ عقل جي تقاضا آهي تہ جيڪو اسان تي احسان ڪري، ان جو شڪريا ضرور ادا ڪرڻ گهرجي ◈ عقل جي تقاضا آهي تہ جنهن اسان کي پيدا ڪيو، هن ڪائنات ۾ اسان جي رهڻ جا اسباب رکيا، جيڪو اسان کي پالي ٿو ۽ جنهن اسان کي باڪمال ۽ بي مثال نعمتون عطا ڪيون آهن، اُهو هن ڳالهہ جو حقدار آهي تہ سندس شڪر ادا ڪيو وڃي ◈ عقل جي تقاضا آهي تہ جيڪو اسان جو خالق آهي، ان جي فرمانبرداري ڪئي وڃي ◈ عقل جي تقاضا آهي تہ انسان جهڙي باشعور مخلوق بي فائده ۽ فضول نہ هجي، ان جي سامهون هڪ وڏو مقصد هجي، جنهن کي هُو پُورو ڪري ◈ عقل جي تقاضا آهي تہ هن دنيا (جنهن کي اسان جلد ڇڏي ويندا سين) سان دل نہ لڳائي وڃي.

هِي سڀ عقل جون تقاضائون آهن. ڪيڏو نہ بي عقل هوندو اهو شخص، جيڪو عقل جي هنن بنيادي تقاضائن کي ئي نہ سمجهي سگهي. هن سڄي تفصيل مان معلوم ٿيو تہ ◈ بي دين هجڻ هرگز عقلمندي نہ ٿو ٿي سگهي. دين عقل سان آهي ۽ عقل دين سان آهي. اهي جيڪي ماڻهو دين کي نہ ٿا مڃين، انهن جي باري ۾ الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اُولٰٓىٕكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ ؕ

ترجموڪنزالعرفان: هي ماڻهو جانورن وانگر آهن بلڪ انهن کان بہ وڌيڪ ڀٽڪيل (پارو: 9، سورة اعراف: 179)

## عقلمند ٻانهي جون ٻہ نشانيون

بهرحال! پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت آدم عليه‌السّلام واري روايت مان معلوم ٿيو تہ عقلمند ٻانهي جون ٻہ نشانيون آهن: **(1):** عقلمند ٻانهو ديندار بہ هوندو آهي **(2):** ۽ حُسنِ اخلاق جو پيڪر بہ هوندو آهي.

اسان اڳ ئي عقل جون فضيلتون ٻڌي چڪا آهيون. تنهنڪري عقلمند ٻڻجڻ لاءِ اسان کي گهرجي تہ ديندار بہ ٻڻجون، الله ۽ رسول جي فرمانبرداري بہ ڪريون ۽ ان سان گڏوگڏ حسنِ اخلاق بہ اختيار ڪريون. الله پاڪ اسان کي ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اچو تہ قرآن ڪريم جي روشنيءَ ۾ عقلمند ٻانهي جون ڪجھ وڌيڪ نشانيون ٻڌون ٿا:

### (1) نصيحت قبول ڪرڻ

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَمَا يَذَّكَّرُ اِلَّاۤ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿۲۶۹﴾

ترجموڪنزالعرفان: عقل وارا ئي نصيحت مڃيندا آهن. (پارو: 3، سورة بقرة: 269)

معلوم ٿيو تہ عقلمند ٻانهو نصيحت قبول ڪرڻ وارو هوندو آهي.[1]

واقعي سچي ڳالھ آهي. هڪ سادي مثال ذريعي عرض ڪريان ٿو: فرض ڪريو تہ اسڪول يا مدرسي ۾ ٻہ شاگرد آهن. استاد ٻنهي کي نصيحت ڪندو آهي، ٻنهي کي پڙهائيءَ تي ڌيان ڏيڻ لاءِ چوندو آهي، فضول ڪمن کان بچڻ، وقت تي آرام ڪرڻ، وقت تي اٿڻ، وقت تي پڙهڻ ۽ وقت تي اسڪول اچڻ جي

11

نصيحت ڪندو آهي. هاڻي انهن ٻنهي مان هڪ شاگرد استاد جي نصيحت قبول ڪري رهيو آهي، پنهنجي پڙهائيءَ تي به ڌيان ڏئي رهيو آهي، فضول ڪمن کان بچي رهيو آهي، راند روند ۽ بُرن دوستن جي صحبت ۾ پنهنجو وقت ضايع نه ڪري رهيو آهي ◈ جڏهن ته ٻيو شاگرد نصيحت قبول نه ڪري رهيو آهي، پڙهائيءَ تي ڌيان به نه ڏئي رهيو آهي، وقت به ضايع ڪري رهيو آهي ۽ فضول ڪمن ۾ به لڳل رهندو آهي. ٻڌايو ته آخر ۾ ڪامياب ڪير ٿيندو؟ يقيناً نصيحت قبول ڪرڻ وارو امتحان ۾ ڪامياب ٿي ويندو. تنهنڪري انهن ٻنهي مان عقلمند ڪير آهي؟ اُهو، جنهن نصيحت قبول ڪئي. جنهن نصيحت قبول ئي نه ڪئي، اهو عقلمند نه، پر بيوقوف آهي.

**معلوم ٿيو ته نصيحت قبول ڪرڻ عقل وارن جي نشاني آهي.**

## نصيحت قبول ڪرڻ وارا ٻڌجي وڃو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي به گهرجي ته عقلمند ٻڻجڻ لاءِ نصيحت قبول ڪندا ڪريون. جيڪڏهن ڳالهه حق هجي ته اسان کي مڃڻ گهرجي.

اسان جي معاشري ۾ اِهو ماحول به عام آهي ته ماڻهو ٻين جي عمر ڏسي، ظاهري حُليو ۽ مرتبو(*Status*) ڏسي نصيحت قبول ڪندا آهن ◈ ننڍي عمر وارو اسان کي سمجهائي ته اسان مڃڻ لاءِ تيار نه ٿيندا آهيون، پر ائين چوندا آهيون ته هِي ڪالهوڪو ٻار اسان کي سمجهائيندو...؟ ◈ سادن ڪپڙن وارو سمجهائي ته ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي آهي، بلڪ سامهون واري کان ڪيس جواب ملندو آهي ته پنهنجي حالت ته ڏس! پنهنجو رُتبو (*Status*)ته ڏس! تو جهڙو ماڻهو مون کي سمجهائيندو.....؟

اهڙيون ڳالهيون ڪري اسان حق ڳالهه کان پري ٿي ويندا آهيون. هي اصول ذهن

نشين ڪري ڇڏيو ته جيڪا ڳالهه حق آهي، اسان ڪي ان جي پيروي ڪرڻي آهي.

## شيطان وظيفو ٻڌايو

بخاري شريف ۾ حديث پاڪ آهي: حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: رمضان شريف جو مهينو هو. صدقه فطر جمع ٿيو ۽ اناج جو هڪ وڏو ڍير گڏ ٿي ويو هو. رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم منهنجي ذميواري لڳائي ته اي ابوهريره! هن اناج جي ڍير جي حفاظت تون ڪندين.

فرمائن ٿا: رات ٿي، مان اناج جي حفاظت ڪري رهيو هيس ته ايتري ۾ هڪ شخص آيو. اُن اناج مان ڪجهه شيون کڻڻ شروع ڪيون. جيئن ئي هو کڻي رهيو هو ته مون کيس پڪڙي ورتو. هاڻي هو عاجزيءَ سان منٿون ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو:

اِنِّیْ مُحْتَاجٌ، وَعَلَیَّ عِیَالٌ وَّلِیْ حَاجَۃٌ شَدِیْدَۃٌ

**ترجمو:** اي ابوهريره! مان محتاج آهيان، منهنجا ٻار ٻچا آهن ۽ مون کي هن اناج جي سخت ضرورت آهي.

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: مون کي مٿس رحم اچي ويو ۽ مون کيس ڇڏي ڏنو. صبح ٿيو ته پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:

یَااَبَاھُرَیْرَۃَ، مَافَعَلَ اَسِیْرُکَ الْبَارِحَۃَ

يعني اي ابوهريره! رات تنهنجي قيديءَ جو ڇا ٿيو....؟ مون عرض ڪيو: حضور! هن تمام گهڻيون منٿون ڪيون، تنهنڪري مون کي مٿس رحم اچي ويو. فرمايائون:

اَمَا اِنَّہٗ قَدْ کَذَبَکَ، وَسَیَعُوْدُ

يعني اي ابوهريره! هن توسان ڪوڙ ڳالهايو آهي، هو ٻيهر ايندو.

سُبْحٰنَ اللہ! ڪيڏو نه ڪمال جو علم آهي! ◈ اهو به معلوم آهي ته رات چور

آيو هو. ◈ هي بہ معلوم آهي تہ اُهو ڪير هو ◈ حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ان سان ڳالهائي رهيا هئا، پر سندس ڪوڙ کي سڄاڻي نہ سگهيا. محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ گهر ۾ هئا، نہ ان کي ڏٺائون، نہ ان سان ڳالهايائون ۽ نہ ئي سندس چهري جا تاثرات ڏٺائون، تنهن هوندي بہ کين معلوم آهي تہ هُن ڪوڙ ڳالهايو آهي. اِهو ماضِيءَ جو علم هو ◈ آئنده ٻيهر ايندو، اهو بہ ڄاڻن ٿا، هي مستقبل جو علم آهي.

| | |
|---|---|
| جو ہو چکا ہے جو ہوگا حُضور جانتے ہیں | تیری عَطا سے خُدایا حُضور جانتے ہیں |
| خُدا کو دیکھا نہیں اور ایک مان لیا | کہ جانتے تھے صحابہ حُضور جانتے ہیں |

خير! حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: ٻي رات ٻيهر اهو چور آيو ۽ ٻيهر اناج ڪٺڻ لڳو. مون کيس پڪڙي ورتو. هن اڄ بہ منٿون ڪيون، تنهنڪري مون کي ٻيهر مٿس رحم اچي ويو. صبح ٿيو تہ محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:

يَا اَبَا هُرَيْرَةَ، مَا فَعَلَ اَسِيرُكَ

يعني اي ابوهريره! تنهنجي قيديءَ جو ڇا ٿيو...؟ مون عرض ڪيو: حضور! هن ٻيري بہ مون کي مٿس رحم اچي ويو، تنهنڪري مون کيس ڇڏي ڏنو. پاڻ فرمايائون:

اَمَا اِنَّهُ قَدْ كَذَبَكَ وَسَيَعُوْدُ

يعني هن ڪوڙ ڳالهايو آهي، هُو ٻيهر ايندو.

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: جيئن تہ مون کي يقين هو تہ هو ضرور ايندو، تنهنڪري ٽينءَ رات مان خبردار ٿي وينس. جيئن ئي اهو چور آيو تہ مون کيس پڪڙي ورتو ۽ چيو اڄ مان توکي هرگز نہ ڇڏيندس، توکي بارگاهِ

رسالت ۾ پيش ڪري ٺي رهندس.

هن پيري اُهو چور چوڻ لڳو: اي ابوهريره! جيڪڏهن تون مون کي ڇڏي ڏيندين تہ مان توکي هڪ فائدي واري ڳالهہ ٻڌائيندس. مون چيو ٻڌاءِ! چوڻ لڳو: جڏهن رات جو بستري تي ليٽين تہ آيةُ الْڪُرسي پڙهي ڇڏيندو ڪر! الله پاڪ تنهنجي حفاظت فرمائيندو ۽ صبح تائين شيطان کي توکان پري رکندو.
حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: سندس اها ڳالهہ ٻڌي مون هن پيري بہ کيس ڇڏي ڏنو. صبح ٿيو تہ مان بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيس. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي ابوهريره! تنهنجي قيديءَ جو ڇا ٿيو....؟ مون عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! اُن مون کي هِن قسم جو هڪ وظيفو ٻڌايو، تنهنڪري مون کيس ڇڏي ڏنو. نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:

اَمَا اِنَّہٗ قَدْ صَدَقَكَ وَھُوَ كَذُوبٌ

يعني اي ابوهريره! هو آهي تہ ڪُوڙن جو سردار، پر توسان سچ ڳالهائي ويو. پوءِ فرمايائون: اي ابوهريره! ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ اُهو ڪير هو؟

مون عرض ڪيو: مان نہ ٿو ڄاڻان. پاڻ فرمايائون: ذَاكَ شَيْطَانٌ يعني اُهو شيطانِ لعين هو. (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو ڳالهہ سني هئي، پر اها شيطان چئي هئي، تنهن هوندي بہ ان کي قبول ڪيو ويو. معلوم ٿيو تہ ڳالهہ سچي هجي، پوءِ اها چوڻ وارو ڪير بہ هجي، اسان کي اها مڃڻ گهرجي. مثال طور: ◈ اسان جو پٽ اسان کي نماز جي دعوت ڏئي تہ ڇا نہ مڃڻ گهرجي؟ بلڪل مڃڻ گهرجي ◈ ڏهن يا پندرهن سالن جو ٻار اسان کي نيڪيءَ جي دعوت ڏئي، جيڪڏهن

1...بخاری، کتاب الوکالۃ، باب اذا وکل رجلا فترک الوکیل شیئا فاجازہ...الخ، صفحہ:596، حدیث:2311۔

ڳالهه درست هجي، ته قبول ڪريو ◈ اسان کان ننڍو ڪو شخص اسان کي شرعي مسئلو ٻڌائي رهيو آهي ۽ درست ٻڌائي رهيو آهي، ته ان کي قبول ڪرڻ گهرجي ◈ گهرن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ننڍڙا ۽ ناسمجهه ٻار به ڪا اهڙي ڳالهه چئي ڇڏيندا آهن، جيڪا سکڻ جي هوندي آهي. ٻار هوندا ئي اهڙا آهن، دل جا سچا هوندا آهن. اهي بي ڌڙڪ ڳالهه چئي ڏيندا آهن، مثال طور، اسان ٻار کي سمجهايو ته پٽ! ڪوڙ نه ڳالهائبو آهي، ٿوريءَ دير کان پوءِ اسان پاڻ ئي ڪوڙ ڳالهائي ويناسين. ٻار ته ٻار آهي، جڏهن هُو ڏسندو ته چئي ڏيندو: بابا سائين! اوهان پاڻ ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهيو...؟ اهڙي موقعي تي ٻار کي دڙڪا نه ڏيو ۽ نه ئي ڪو بهانو ٻڌايو ته پٽ! مون فلاڻي حڪمت جي ڪري ڪوڙ ڳالهايو هو، ائين نه ڪريو، ڇو ته ان سان ٻار جي غلط تربيت ٿيندي. ٻار ته اوهان کي رڳو ان ڳالهه ڏانهن توجهه ڏياري رهيو آهي ته اوهان ڪوڙ ڳالهايو آهي. تنهنڪري پنهنجي غلطي تسليم ڪري ونو. مطلب ته ڳالهه سچي هجي پوءِ اها ڪنهن جي به زبان مان نڪتي هجي، ان کي قبول ڪريو!

نوٽ: هتي هڪ ڳالهه عرض ڪندو هلان، اهي بيڇڙا ماڻهو جيڪي مَعَاذَالله! رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، صحابه ڪرامن ۽ اولياءِ عظامن جا گستاخ هجن، انهن جي ڳالهه ٻڌڻ هرگز درست نه آهي. انهن جي ڳالهه ٻڌڻ ته پري جي ڳالهه، انهن جي مجلس ۾ ويهڻ کان به قرآنِ ڪريم منع فرمايو آهي. تنهنڪري اهڙن گستاخن جي ڳالهه هرگز نه ٻڌڻ گهرجي ۽ نه ئي ائين ڪرڻ جائز آهي.

## ڇا تو جهڙو ماڻهو مون کي سمجهائيندو.....؟

صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: الله پاڪ وٽِ وڏن گناهن مان هڪ گناهه هي به آهي ته جڏهن ڪنهن شخص کي چيو وڃي ته الله پاڪ کان ڊڄ، ته هو جواب ۾ چوي: تون پنهنجو فڪر ڪر.....!! ڇا تو

جهڙو ماڻهو مون کي حڪم ڏيندو؟ (1)

الله! الله! غور ته ڪريو هي ڪيڏو نه سخت جرم آهي. اسان وٽ ته اهڙيون ڳالهيون عام آهن. الله پاڪ اسان کي اهڙين بيوقوفين کان محفوظ فرمائي. ڪاش! اسان نصيحت قبول ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

## (2): ذڪر ۽ فڪر ۽ ايمان جي پختگي

عقل وارن جون وڌيڪ نشانيون ڪهڙيون آهن؟ الله پاڪ فرمايو:

الَّذِيْنَ يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ قِيٰمًا وَّ قُعُوْدًا وَّ عَلٰى جُنُوْبِهِمْ وَ يَتَفَكَّرُوْنَ فِيْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۚ رَبَّنَا مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا ۚ سُبْحٰنَكَ فَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۱۹۱﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪي بيٺي ۽ ويٺي ۽ پاسن پر ليٽندي الله کي ياد ڪندا آهن ۽ آسمانن ۽ زمين جي پيدائش ۾ غور ڪندا آهن. اي اسان جا رب! تو اهو سڀ بيڪار ناهي ناهيو. تون پاڪ آهين تون اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ. (پارو: 4، سورة آل عمران: 191)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي عقل وارن جون نشانيون آهن:

**(1):** عقلمند ماڻهو اٿندي، ويهندي ۽ بستري تي ليٽندي، هر حالت ۾ الله پاڪ جو ذڪر ڪندا آهن. مولا ڪريم جي ياد هر وقت سندن دلين تي ڇانيل رهندي آهي. **(2):** عقلمند ماڻهو ڪائنات ۾ غور ۽ فڪر ڪندا آهن، آسمانن ۽ زمين جي پيدائش ۽ ڪائنات جي ٻين عجائبات ۾ غور ڪندا آهن. سندن مقصد الله پاڪ جي عظمت ۽ قدرت جي باري ۾ گهٽ ۾ گهٽ علم حاصل ڪرڻ هوندو آهي. **(3)** ڪائنات ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ کان پوءِ الله پاڪ جي عظمت

---

1... معجم ڪبير، من اسمه عبدالله، جلد:4، صفحه:469، حديث:8508.

متن ظاهر ٿيندي آهي. انهن جون دليون الله پاڪ جي عظمت آڏو جهڪي وينديون آهن ۽ سندن زبانون الله پاڪ جي عظمت جا ترانا ڳائڻ لڳنديون آهن **(4)** اهي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دوزخ جي عذاب کان پناهه گهرندا آهن.[1]

## ذِڪرُالله جي عادت بڻايو!

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏيون نه پياريون نشانيون آهن. عقلمند اهو هوندو آهي، جيڪو الله پاڪ جو ذڪر ڪندو رهندو آهي. حضرت سري سقطي رَحمةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: مون حضرت جُرجاني رَحمةُاللهِعَلَيْه وٽ سَتُّو ڏٺو. پاڻ اُهو سَتُو ڪائي ئي پنهنجي بک مٽائي ڇڏيندا هئا. مون عرض ڪيو: توهان ڪاڏو ۽ ٻيون شيون ڇو نه ٿا کائو؟ پاڻ فرمايائون: مون مانيءَ جو گرهه چٻاڙڻ ۽ هِي سَتُو ڪائي گذارو ڪرڻ ۾ 90 تسبيحن جو فرق ڏٺو آهي. (يعني جيتري دير ۾ ماڻهو مانيءَ جو گرهه وات ۾ وجهي چباڙيندو آهي، ايتري وقت ۾ ماڻهو 90 ڀيرا سُبْحٰنَ الله پڙهي سگهي ٿو.) تنهنڪري 40 سالن کان مون ماني نه چباڙي آهي، ته جيئن چباڙڻ واري وقت کي تسبيح پڙهڻ ۾ لڳائي سگهان.[2]

## الله! الله! ڪيڏو نه شوق آهي ۽ ڪيڏي نه پياري ۽ نرالي سوچ آهي!

اسان وٽ ته ◈ ريلز ڏسندي ◈ سوشل ميڊيا تي فقط اسڪرولنگ Scrolling ڪندي ڪندي ◈ ۽ دوستن سان ڪچهريون ڪندي ڪندي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گذري ويندا آهن، ۽ وقت جو احساس ئي نه ٿيندو آهي. انهن الله وارن کي ڏسو، جيڪي حقيقت ۾ عقلمند آهن! ڪين وقت جو ڪيترو نه احساس آهي! 40 سال ...!! هڪ عرصو هوندو آهي. حضرت جرجاني رَحمةُاللهِعَلَيْه 40 سالن تائين ماني نه چباڙي، ته جيئن چباڙڻ وارو وقت بچائي تسبيح پڙهڻ

---

1 تفسير مظهری، پاره:4، سورۂ آل عمران، زيرآيت:191، جلد:1، صفحه:603 خلاصةً۔
2 مکاشفة القلوب،باب فی طاعة الله و محبته و محبة رسوله صلَّی اللهُ عليه وَ آله وَسلَّم، صفحه:49۔

۾ لڳائي سگھن.

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ اسان کي بہ وقت جو قدر ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. ڪاش! اسان بہ الله پاڪ جو ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

ذکر و درود ہر گھڑی وِردِ زباں رہے | میری فضول گوئی کی عادت نکال دو (1)

## غور و فڪر ڪرڻ جي عادت بڻايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! عقل مند ماڻهوءَ جي هڪ نشاني بيان ٿي تہ جيڪو عقل مند هوندو آهي، اهو الله پاڪ جي مخلوقات ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ وارو هوندو آهي ◈ افسوس! اها عادت اسان وٽان بلڪل ختم ٿيندي پئي وڃي ◈ نماز، روزو، حج ۽ ٻين عبادتن بابت تہ اسان وٽ ڳالھ ٻولھ ٿيندي رهندي آهي، ڪٿي نہ ڪٿي ۽ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ماڻهو نيڪيون ڪندا ئي رهندا آهن، جيتوڻيڪ انهن جو تعداد گهٽ آهي، البتہ هڪ تعداد ضرور آهي. پر هيءَ جيڪا عبادت آهي يعني غور و فڪر ڪرڻ واري نيڪي، ان ڏانهن عام طور تي ڌيان نہ ڏنو ويندو آهي، حالانڪ اها تمام وڏي عبادت آهي. صحابيءِ رسول، حضرت ابو الدرداءَ رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: (الله پاڪ جي مخلوقات ۾) گھڙي ڪن غور و فڪر ڪرڻ، پوري رات (نفل) عبادت ڪرڻ کان بهتر آهي.[2]

## ڊگھو فڪر جنت تائين وٺي ويندو آهي

حضرت حڪيم لقمان رَحمةُاللهِعَلَيْه جي عادت هوندي هئي تہ اڪيلائيءَ ۾ ڪافي دير تائين ويٺا رهندا هئا. هڪ ڀيري هڪ شخص سندن ڀرسان گذريو تہ ڪائن پڇيائين: اي لقمان! توهان ايتري دير اڪيلائيءَ ۾ ويٺا هوندا آهيو، جيڪڏهن

1 وسائلِ بخشش، صفحہ:305۔
2 الزہد لامام احمد بن حنبل، زہد ابی الدردا رَضِیَ اللہُ عنہ، صفحہ:179، رقم:747۔

ماڻھن سان گڏ ويھو تہ ڪجھ دل لڳي ويندي. حڪيم لقمان رَحمةُاللهِعَلَيْه فرمايو: گھڻي دير اڪيلائيءَ ۾ ويھڻ سان وڌيڪ سمجھ پيدا ٿيندي آھي، ۽ ڊگھو فڪر جنت جي راھ ڏانھن رھنمائي ڪندو آھي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ غور ۽ فڪر ڪرڻ جي عادت بڻائڻ گھرجي. **غور ۽ فڪر** بہ باقاعده ھڪ فن آھي، جنھن کي سکڻو پوندو آھي. ھر ماڻھو غور ۽ فڪر نہ ٿو ڪري سگھي. احياءُ العلوم امام غزالي رَحمةُاللهِعَلَيْه جو ھڪ تمام پيارو ڪتاب آھي. ان جي پنجين جلد ۾ **غور ۽ فڪر** بابت ھڪ مڪمل باب موجود آھي. اَلحمدُلله! احياء العلوم جو اردو ترجمو مڪتبة المدينہ شايع ڪيو آھي. ان جي پنجين جلد مان غور ۽ فڪر وارو باب پڙھي ونو! ان مان غور ۽ فڪر جا آداب، ان جا طريقا ۽ احتياط سکڻ لاءِ ملي ويندا. اسان کي ان فن (يا علم) کي سکڻو آھي ۽ پنھنجي روزاني جي زندگيءَ جو حصو بنائڻو آھي.

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## عقلمند ڀانھي جا معمولات

آخر ۾ ھڪ روايت ٻڌو! حضرت وھب بن مُنَبِّہ رضی اللهُ عنهُ فرمائن ٿا: عقل مند ماڻھوءَ جي معمولات ۾ چار وقت ھجڻ گھرجن. **(1):** اھو وقت، جڏھن ھو الله پاڪ کان مناجات ڪري **(2):** اھو وقت، جڏھن ھو پنھنجو محاسبو ڪري **(3):** اھو وقت، جڏھن ھو اھلِ علم جي خدمت ۾ حاضر ٿئي ۽ دين ۽ دنيا بابت علم حاصل ڪري **(4):** اھو وقت، جڏھن ھو حلال لذتن مان فائدو حاصل ڪري.[2]

---

1 مكاشفة القلوب، باب فى التفكر فى الايام وغيرہا، صفحہ:239۔

2 موسوعہ ابن ابى الدنيا، كتاب العقل و فضلہ، جلد:6، صفحہ:470و 471، حديث:24 خلاصةً

ھي بہ تمام پياريون ڳالھيون آھن. پنھنجي روزاني معمولات ۾ اِھي چارئي وقت لازمي مقرر ڪريو! ◈ ڪو ھڪ اڪيلائيءَ جو وقت، جنھن ۾ توھان پنھنجي ربّ جي حضور حاضري ڏيو ◈ اُھو مخصوص وقت، جنھن ۾ توھان پنھنجو محاسبو ڪريو ◈ اُھو مخصوص وقت، جنھن ۾ توھان علمِ دين سکو، سٺي صحبت ۾ ويھو ۽ ◈ ھڪ وقت صرف ۽ صرف پنھنجي لاءِ رکو، جنھن ۾ توھان حلال شين مان فائدو حاصل ڪريو. انھن چئن وقتن کان بعد جيڪو وقت بچي، اھو پنھنجي بين جائز ڪمن ۾ لڳايو. اللہ پاڪ اسان کي انھيءَ ئي ترتيب سان پنھنجا معمولات مقرر ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

## دعوتِ اسلامي جي ھڪ شعبي جو تعارف: نيڪ اعمال

اَلحمدُلله! دعوتِ اسلامي امت جي خيرخواھہ ۽ نيڪين ڏانھن رغبت ڏيارڻ واري ديني تنظيم آھي. دعوتِ اسلامي مختلف شعبن جي ذريعي امت جي خيرخواھيءَ جو ڪم سرانجام ڏئي رھي آھي. انھن شعبن مان ھڪ شعبو **نيڪ اعمال** بہ آھي. ھن شعبي جي ذريعي پنھنجن عملن جو جائزو وٺڻ ۽ مختلف نيڪ اعمال، مثال طور ◈ روزو رکڻ ◈ فضول ڳالھين ۽ ڪمن کان بچندي خاموش رھڻ ◈ نگاھن کي گناھن کان بچائيندي جھڪائي رکڻ وغيره جو ذھن ڏنو ويندو آھي.

ھاڻي اجتماع کان پوءِ يا ڪنھن بہ وقت پنھنجي علائقي جي نيڪ اعمال جي ذميدار کان وڌيڪ تفصيل معلوم ڪريو، يا مڪتبة المدينہ تان **نيڪ اعمال** جو رسالو حاصل ڪريو. چاھيو تہ پنھنجي موبائل فون ۾ نيڪ اعمال جي ايپلي ڪيشن ڊائونلوڊ ڪري ڇڏيو. ان ۾ ڏنل سوالن کي پڙھو ◈ ھر سوال جي ھينان

30 خانا آهن ◈ انهن جي ذريعي روزانو پنهنجو جائزو وٺو اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻو فائدو حاصل ٿيندو ◈ اخلاق سنورجي ويندا ◈ ڪردار سٺرو ٿيندو ◈ عادتون بهتر ٿينديون ◈ نيڪين تي استقامت نصيب ٿيندي ◈ گناهن کان نفرت پيدا ٿيندي ◈ دل روشن ٿيندي ◈ محبتِ الٰهي نصيب ٿيندي ◈ عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو ◈ روحانيت حاصل ٿيندي ۽ ◈فڪرِ آخرت نصيب ٿيندو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرآن ٽيچر موبائل ايپلي ڪيشن

اَلحمدُلله! قرآن ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽِي *I.T* ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن **قرآن ٽيچر** (*Quran Teacher*) جي نالي سان جاري ڪئي آهي ◈هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي درسِ نظامي، فيضانِ نماز ڪورس ۽ زڪوات ڪورس جهڙن بيشمار آنلائن ڪورسن لاءِ رجسٽريشن ڪرائي سگهجي ٿي ◈ اسٽوڊنٽ پورٽل (*Student Portal*) ۾ پنهنجي آنلائن ڪلاسن جي سرگرمين بابت باخبر رهي سگهجي ٿو ◈ دعوتِ اسلامي جي هن پليٽ فارم تي تقريباً 50 کان وڌيڪ اسلامي ڪورسَ ڪرايا ويندا آهن ◈ هيءِ ايپلي ڪيشن آنلائن ٽيڇ وارن ڪورسن بابت بہ ڄاڻ (*Information*) فراهم ڪري ٿي. توهان پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪنهن بہ ڪورس جو انتخاب ڪري سگهو ٿا ۽ بغير ڪنهن ڏکيائيءَ جي آنلائن قرآن سکڻ لاءِ داخلا وٺي سگهو ٿا. هن ايپلي ڪيشن کي ڊائونلوڊ ڪري پاڻ بہ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! هر ڇنڇر تي اميرِ اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه مدني چينل تي لائِيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن. اينديڙ ڇنڇر تي بہ عشاء جي نماز کان پوءِ مدني چينل تي تقريباً رات جو **8** لڳي **15** منٽن تي اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سڀئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت ڪن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين ◈ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. اينديڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ **ڳالهائڻ جا فتنا** رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا، مثال طور واٽس ايپ وغيره استعمال ڪن ٿا، اهي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ هي رسالو ٻين سان بہ شيئر (*Share*) ڪن! ◈ مڪتبة المدينہ، عاشقانِ رسول جي دلين ۾ الله پاڪ سان ملاقات جو شوق پيدا ڪرڻ لاءِ اميرِ اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو لکيل نئون رسالو **الله پاڪ سان ملاقات جو شوق** جي نالي سان شايع ڪيو آهي. هي رسالو مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان **25 روپين** ۾ خريد فرمايو.

## ماهِ قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي هڪ ڀيرو ٻيهر ملهائڻ وڃي رهي آهي: 15 آڪٽوبر کان 15 نومبر تائين ماهِ قافلو

جنهن ۾ سڄي ملڪ مان عاشقانِ رسول ◈ 12 مهينا ◈ هڪ مهينو ◈ 12 ڏينهن ◈ ۽ 3 ڏينهن جي قافلن ۾ سفر ڪندا.

ياد رکو! نيکيءَ جي دعوت ڏيڻ ۽ ان راهہ ۾ مشقت سهڻ انبياءِ ڪرام جي سُنّت آهي◈ انبياءِ ڪرام ◈ صحابہ ڪرام ◈ ۽ نيڪ ماڻهو نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ لاءِ گهرن مان نڪرندا هئا ◈ ڏورانهن علائقن ڏانهن ويندا هئا ◈ هجرت ڪندا هئا ◈ ۽ مشقتون سَهي دين جو پيغام عام ڪندا هئا ◈ اهڙين بزرگن جي قربانين جي برڪت سان ئي اسان تائين دين پهتو آهي.

توهان بہ ماهِ قافلہ جي دوران قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي نِيّت ڪري ونو! ڇو تہ هاڻي ئي پنهنجي نِيّت درج ڪرائي ڇڏيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿينديون ◈ قافلي ۾ فرض عِلمِ دين سيکاريو ويندو آهي ◈ سنتون سيکاريون وينديون آهن ◈ تهجد پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي ◈ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي ◈ قافلي جي برڪت سان دُعائون پوريون ٿيڻ ◈ مشڪلاتون ٽرڻ ◈ ۽ بيمارين مان شفاءَ ملڻ جا بہ سوين واقعا موجود آهن ◈ ائين بہ ٿيو آهي جو قافلي ۾ سفر ڪندڙ عاشقانِ رسول جي حوصلہ افزائيءَ جي لاءِ پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمايو، خواب ۾ تشريف کڻي آيا ۽ قافلي جي شرڪاءَ کي پنهنجي ديدار جو جام پياريو.

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِیْ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ وَمَنْ اَحَبَّنِیْ کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ

جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب     صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سُرمو پائڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم: سيني سُرمَن مان بهترين سرمو اِثمد آهي، ڇاڪاڻ تہ هي نظر کي تيز ڪندو آهي ۽ پلڪن کي وڌائيندو آهي. (2)

اي عاشقانِ رسول! پٿر جو سُرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج نہ آهي. ڪارو سرمو يا ڪَجَل زينت جي نيت سان، يعني خوبصورتيءَ لاءِ مرد کي لڳائڻ مڪروه آهي ۽ جيڪڏهن زينت مقصود نہ هجي تہ ڪراهت نہ آهي. سُرمو رات جو سمهڻ وقت استعمال ڪرڻ سنت آهي. ◈ سرمو استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيشِ خدمت آهي. **(1):** ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سَرايُون پايو **(2):** ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي سرايون ۽ کاٻي اک ۾ ٻہ سرايون پايو **(3):** ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻہ ٻہ سرايون، پوءِ آخر ۾ هڪ سَرائيءَ تي سرمو لڳائي، واري واري سان ٻنهي اکين ۾ پايو. ائين ڪرڻ سان اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو. اي عاشقانِ رسول! تعظيم ۽ ادب وارا جيترا بہ ڪم هوندا هئا، اسان جا پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا. تنهنڪري پهريان ساڄي اک ۾ سرمو پايو ۽ پوءِ کاٻي اک ۾. (3)

عجب نہیں کہ لکھا لوح کا نظر آئے! | جو نقشِ پا کا لگاؤں غبار آنکھوں میں

---

1... مشکوٰة،کتابُ الْایمان،بابُ الْاعْتِصَام، جلد:1، جز:1،صفحه:55، حديث:175۔
2...ابن ماجه، کتاب:الطِب، باب:اَلکَحل بالاثمد، صفحه:566، حديث:3497۔
3...550سنتیں اور آداب، صفحه:38۔

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب **بهارِشريعت** جلد: **3** مان حصو **16** ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خُدا
چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
عِلْم حاصِل کرو، جَہل زائِل کرو
پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب       صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد